هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

19 JANUARY, 2017



## الله عَزَّوَجَلَّ جي ولين جو شان

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# اللّٰه جي ولين جو شان

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَـوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

سُلطانِ جهان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جُمُعي جي ڏينهن ۽ رات ۾ سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون سو(100) حاجتون پوريون فرمائيندو، ستَّر(70) آخرت جون ۽ ٽيهه (30) دُنيا جون ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ ملائڪ مُقرَّر فرمائيندو، جيڪو ان دُرودِ پاڪ کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو، جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وِصال کان بعد (به) اهڙو ئي هوندو جيئن منهنجي حياتي ۾ آهي. (جمع الجوامع،۱۹۹/۷،حديث:۲۲۳۵۵)

ہے کرم ہی کرم کہ سُنتے ہیں آپ خُوش ہو کے بار بار دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شانِ اولياء

مُفسّرِ قرآن، حضرت سيدنا اِسماعيل حقّي پنهنجي مشهور تفسير "رُوح البيان" ۾ هڪ ايمان افروز واقعو لکن ٿا، ان کي وڌي توجهہ سان ٻڌو ۽ ايمان تازہ ڪيو، جيئن لکن ٿا تہ:

حضرت سيدُنا امام ابُو الحسن شاذلي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڀيري مسجدِ اقصيٰ ۾ سمهي رهيس، ڇا ٿو ڏسان تہ مسجدِ اقصيٰ جي ٻاهران هڪ تخت رکيو ويو ۽ وڏي تعداد ۾ مخلوق گڏ ٿيڻ شروع ٿي، مون پڇا

ڪئي تہ هي چا جو اجتماع آهي؟ معلوم ٿيو تہ تمام رسول ۽ انبياء عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام سيدِ عالم نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اَقدس ۾ حاضر ٿيا آهن، مون جيڪو تخت ڏٺو تہ ان تي اسان جا نبي، محمد ِمدني،رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪيلا جلوه افروز آهن ۽ ٻيا سمورا نبي عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جيئن حضرت ابراهيم، حضرت عيسيٰ، حضرت نوح ۽ حضرت موسيٰ (۽ ان جي علاوه ٻيا انبياء ڪرام) عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام سيئي زمين تي تشريف فرما آهن. مان اتي بيهي رهيس ۽ هنن مُقَدَّس حضرات جي گفتگو ٻڌڻ لڳس. حضرت موسيٰ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو تہ حضور! اوهان فرمايو تہ منهنجي اُمّت جا علماء، بني اسرائيل جي نبين جيان آهن (يعني دِين جي تبليغ ۽ اشاعت ڪرڻ جي اعتبار سان، تنهنڪري دِين جي جيتري خدمت علماء اسلام ڪئي، ايتري خدمت ڪنهن ٻي دِين جي عالمن پنهنجي دِين جي نہ ڪئي.) تہ اوهان انهن مان ڪو هڪ عالِم ڏيکاريو تہ حضورِ اڪرم نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه ڏانهن اشارو ڪيو: حضرتِ مُوسيٰ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام انهن کان هڪ سوال ڪيو، امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه ان جا ڏهہ (10) جواب ڏنا. حضرتِ موسيٰ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام فرمايائون تہ جواب سوال جي مطابق هئڻ گهرجي، هڪ سوال جو هڪ جواب ڏيڻو هو، اوهان ڏهہ (10) جواب ڇو ڏنا؟ حضرت سَيِدُنا امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه عرض ڪيو: يا نبي الله! الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کان بہ هڪ ئي سوال ڪيو هو جيئن تہ قرآنِ مجيد ۾ آهي تہ ﴿وَمَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ﴿۱۷﴾﴾ (پاره:۱۶،طٰه:۱۷)

ترجموڪنزالايمان:۽ هيءَ تُنهنجي سڄي هٿ ۾ ڇا آهي اي مُوسىٰ.

اوهان پڻ ان جا ڪيئي جواب ڏنا تہ هي منهنجو عصا (يعني لٺ) آهي، مان ان تي ٽيڪ لڳايان ٿو ۽ ان سان پنهنجي ٻڪرين جي لاءِ پَن ڇاڻيان ٿو ۽ ان جي علاوه منهنجا ٻيا بہ ڪم ان سان ڪيان ٿو، جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي هن سوال جو

هڪ جواب هو تہ هي منهنجي لٺ آهي، پر ڳالهہ هي آهي تہ جڏهن پاڻ عَلَيه السَّلَام کي الله عَزَّوَجَلَّ سان همڪلام ٿيڻ جو شرف مليو تہ محبت ۽ شوق جي غلبي سبب پاڻ عَلَيه السَّلَام پنهنجي گفتگو ڊگهي ڪئي تہ جيئن وڌ کان وڌ همڪلامي جو شرف حاصل ٿي سگهي ۽ ان وقت خُوش قسمتي سان مون کي پاڻ عَلَيه السَّلَام سان گفتگو جو شرف حاصل ٿيو تہ مون بہ شوق ۽ محبت ئي جي ڪري پنهنجي گفتگو کي ڊگهو ڪيو.

حضرت امام ابُوا لحسن شاذلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ هي منظر ڏسي ڪري حضورِ انور، شاهہ بحرو بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تنها تخت تي جلوه افروز آهن ۽ تمام انبياء ۽ رسول عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام خاص ڪري حضرتِ ابراهيم خَلِيلُ الله، جنابِ عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيهِمَا الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جهڙا جليلُ القدر انبياء عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون زمين تي جلوه فرما آهن، ڪيتري وڏي عظمت ۽ جلالتِ محمدي جو مُظاهرو آهي، مان انهيء سوچ ويچار ۾ هئس ۽ پنهنجي دل ۾ خواب جي حالت ۾ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مان ۽ مرتبي تي تعجب ڪري رهيو هئس تہ اوچتو ڪنهن منهنجي پير کي نوڪر هنئي جنهن سبب مان بيدار ٿي ويس، مون ڏٺو تہ هو مسجدِ اقصيٰ جو منتظم هو ۽ ان وقت مسجدِ اقصيٰ جون قنديليون روشن ڪري رهيو هو. ان مون کي چيو: (شہ انبياء، سرورِ هر دوسَرا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مرتبي تي) ڇا تعجب ڪرين ٿو؟ هي سڀ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي نُور سان تہ پيدا ٿيا آهن.

هي ٻڌي مون تي بيهوشي طاري ٿي وئي. نماز جي لاءِ جماعت بيني تہ ان وقت مون کي افاقو ٿيو مون مسجدِ اقصيٰ جي ان منتظم کي ڳوليو پر اڄ تائين ان کي ناهي ڏٺو. (روح البيان،ج۵،ص۳۷۴ بتغير قليل،کوثرُ الخيرات،ص ۳۹)

خلق سے اولیاء اولیاء سے رُسُل اور رسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی
ملکِ کونین میں انبیاء تاجدار تاجداروں کا آقا ہمارا نبی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ شوڪت جي خبر پئي، اتي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت جي اولياء ڪرام ۽ علماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي شان ۽ شوڪت ۽ مقام و مرتبي جي به خبر پوي ٿي ته جڏهن حضرت سَيِدُنا موسيٰ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو ته ڪو اهڙو عالِم ڏيکاريو، جيڪو بني اسرائيل جي نبين جي مثل هجي ته نبي داور،شفيعِ محشر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سَيِدُنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ڏانهن اشارو ڪيو، ان سان مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ هرگز هر گز ڪو هي نه سمجهي ته ڪو ولي مقام ۽ مرتبي ۾ ڪنهن نبي کان وڌيڪ يا ان جي برابر ٿي سگهي ٿو، اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: ڪو غيرِ نبي ڪنهن نبي جي برابر نٿو ٿي سگهي. (فتاوىٰ رضويه ۲۲۸/۲۹) هي به ياد رکو! ته هر ولي، عالِم ضرور هوندو آهي ڇو ته ولي جي لاءِ عالِم هئڻ شرط آهي جيئن ته صدرُ الشَّريعه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه **بهارِ شريعت** ۾ فرمائن ٿا: ولايت هڪ خاص قُرب آهي جيڪو موليٰ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي برگزيده ٻانهن کي محض پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان عطا فرمائي ٿو، ولايت بي علم کي ناهي ملندي، (صرف عالِم ئي کي ملندي آهي) خواه علم بطورِ ظاهر حاصل ڪيو هجي، يا ان مرتبي تي پهچڻ کان پهريان ئي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي عُلوم مُنڪشف (يعني ظاهر) ڪيا هجن. (بہارشریعت،حصہ اول ،۲۶۴/۱ملتقطاً) اعليٰ حضرت،

امام اهلسنّت، مجدّدِ دِين و ملّت، پروانہ شمعِ رسالت، مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ شريعت ۽ طريقت هرگز هرگز جدا جدا راهون نہ آهن ۽ نہ ئي ڪڏهن ائين ٿي سگهي ٿو تہ ڪو شخص ولي هجي ۽ عالِم نہ هجي. (فتاویٰ رضويہ، ۵۳۰/۲۱، مفهوماً)

ڪرم ہو واسطہ کل اولیاء کا　　مرا اِیماں پہ مولیٰ خاتمہ ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام کي وڏي شان سان نوازيو آهي، ۽ پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان پنهنجي هنن ٻانهن کي پسند فرمائي خاص بڻايو آهي، هي اهي عظيم انسان آهن جنهن سان زماني جي زيب ۽ زِينت قائم آهي، هي اهي عظيم انسان آهن جنهن جي عبادت جي مهڪ تمام عالَم کي خوشبودار بڻائي رکيو آهي، هي اهي عظيم ماڻهو آهن جو جنهن جون دليون هر وقت الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ جهڪيل رهن ٿيون. اچ اسان اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي مقام ۽ مرتبي، انهن جي شان و عظمت ۽ انهن جي ڪجهه صفتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جي دلين ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي هنن دوستن ۽ مُقَرَّب ٻانهن جي محبت ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي ۽ اسان بہ انهن جي نقشِ قدم تي هلندي نيڪيون ڪرڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. جيئن قرآنِ ڪريم جي سيپاري 9 سوره اَنفال جي آيت نمبر34 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن ولين جي نيڪ ۽ پرهيزگار هئڻ کي تاڪيد سان بيان ڪندي اشاد فرمايو:

اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ

(پ:۹،انفال:۳۴)

ترجَمو ڪنزالايمان: ۽ ان جا وارث تہ پرهيزگار ئِي آهِن.

مُفسّرِ شَهير، حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه هن آيتِ مُبارڪ ِتحت فرمائن ٿا تہ ڪو ڪافر يا فاسِق، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ولي نٿو ٿي سگهي، ولايتِ الهي ايمان ۽ تقوي سان ملي ٿي. (تفسيرِنعيمى،۵۴۳/۹ بتغير قليل)

اهڙي طرح سيپاري 11سوره يونُس جي آيت نمبر 62 ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ولين جي شان ڪي بيان ڪندي ارشاد فرمايو:

اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۶۲﴾ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۶۳﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِی الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِی الْاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۶۴﴾ (پ:۱۱،يونس:۶۲-۶۴)

ترجَمو ڪنزالايمان: ٻُڌو بيشڪ اللّٰه جي ولِيُن تي ڪو بہ خوف نہ آهي ۽ نہ ئِي ڪو غم. اُهي جن اِيمان آندو ۽ تقوىٰ اختيار ڪندا رهيا. اُنهن جي واسطي خوشخبرِي آهي دُنيا جِي زندگِي ۾ ۽ آخرت ۾ اللّٰه جا ڪلما (ڳالهيُون) تبدِيل نہ ٿا ٿِي سگهن اِها ئِي وڏِي ڪاميابِي آهي.

حضرتِ سَيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه هن آيت سڳوري تحت فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ولين رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام مان مراد اهي نيڪ ماڻهو آهن، جنهن ڪي ڏسي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ياد اچي. (خازن پ ۱۱، سورة يونس،تحت الآية ۳۲۲/۶۲،۲) جيئن تہ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَوْلِيَاءُ اللّٰهِ الَّذِيْنَ اِذَا رُؤُوْا ذُكِرَ اللّٰهُ يعني اولياءُ اللّٰه اهي آهن جنهن ڪي ڏسي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي ياد اچي. (كنز العمال ،قسم الاقوال كتاب الاذكار، باب فى الذكر و فضيلته، الجزء الاول، ۲۱۴/۱، حديث:۱۷۷۹)

صدْرُ الافَاضِل حضرت علّامہ مولانا مفتي سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه هن آيت سڳوري تحت ولين جا وصف بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا تہ وَلِي اللّٰه اهي آهي جيڪي فرضن جي ادائيگي سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حاصل ڪري ۽ اللّٰه تعاليٰ جي اطاعت ۾ مشغول رهي ۽ انهن جي دل

اللّٰه تعاليٰ جي نورِ جلال جي معرفت ۾ مُستَغرَق (يعني ٻڏل) هجي، جڏهن ڏسي تہ قدرتِ الٰهي جي دلائل کي ڏسي ۽ جڏهن ٻڌي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جون آيتون ئي ٻڌي ۽ جڏهن ڳالهائي تہ پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي ساراهہ ڪندي ڳالهائي ۽ جڏهن حرڪت ڪري، اطاعتِ الٰهي ۾ حرڪت ڪري ۽ جڏهن ڪوشش ڪري تہ انهيءَ ڪم ۾ ڪوشش ڪري جيڪي قُربِ الٰهي جو ذريعو هجن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر کان نہ ٿڪجي ۽ چشمِ دل (دل جي اک) سان خدا (عَزَّوَجَلَّ) جي سوا غير کي نہ ڏسي. هي صفت اَولياء جي آهي، ٻانهو جڏهن ان حال تي پهچي ٿو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو ولي و ناصر ۽ معين و مددگار ٿيندو آهي. (خزائن العرفان ،پ: ١١،سورة يونس ، تحت الآية ٦٢)

عاشقِ اولياء ۽ عاشقِ غوث ورضا، باني دعوتِ اسلامي،شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه"وسائلِ بخشش" ۾ لکن ٿا.

مجھ کو اللّٰہ سے محبت ہے یہ اُسی کی عطا و رحمت ہے
جس کو سرکار سے محبت ہے اُس کی بخشش کی یہ ضمانت ہے
آل و اصحاب سے محبت ہے اور سب اولیاء سے اُلفت ہے

(وسائلِ بخشش،مُرمّم،ص 684)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آياتِ مُبارڪ ۽ تفسيرن جي روشني ۾ جتي ولين جو بلند شان ۽ انهن جون صفتون معلوم ٿيون، اتي انهن جي اها خُصُوصي صفت بہ معلوم ٿي تہ اولياءُ اللّٰه اِيمان وارا ۽ مُتّقي ۽ پرهيزگار هوندا آهن، هي اللّٰه وارا ڪڏهن بہ شريعت سان ٽڪرائن ۽ نہ ئي شريعت جي مخالفت ڪندا آهن، هي پاڪ هستيون تہ هر وقت اللّٰه تعاليٰ جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري ۽ عِبادت ۾ مصروف رهنديون آهن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن سان راضي ٿيندو آهي، انهن کي پنهنجي معرفت ۽ سڃاڻپ عطا ڪندو آهي ۽ انهن کي پنهنجن رازن سان

آشنا ڪندو آهي. هي اهي بابرڪت هستيون آهن، جنهن ڪي دُنيا اولياءُ الله جي نالي سان ياد ڪندي آهي ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن ولي جو نالو الله عَزَّوَجَلَّ جي دوستن سان محبت ڪرڻ واري ڪنهن سچي مسلمان جي زبان تي ايندو آهي، تہ زبان تان پاڻ مرادو "رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه" جي لفظن ۾ انهن جي لاءِ رحمت جي دعا نڪرندي آهي ۽ چو نہ هجي جو حضرت سَيدُنا ثوبان رَضِیَ الله تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ بانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تلاش ڪندو رهي ٿو، انهيءَ جستجو ۾ رهندو آهي ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ حضرت جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام کي فرمائي ٿو تہ فُلاڻو منهنجو بانهو مون کي راضي ڪرڻ چاهي ٿو، باخبر رهو تہ ان تي منهنجي رحمت آهي، تڏهن حضرت جبرائيل عَلَيه السَّلَام چوندا آهن، فُلاڻي تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت آهي، اها ئي ڳالهہ عرش کڻڻ وارا ملائڪ چوندا آهن، اها ئي انهن جي آس پاس جا ملائڪ چوندا آهن، ايستائين جو ستين آسمان وارا بہ ئي چوڻ لڳندا آهن، پوءِ اها رحمت ان جي لاءِ زمين تي نازل ٿيندي آهي. (مشكوة المصابيح،كتاب الدعوات، باب سعة رحمة الله، ٢/٤٤٤، حديث:٢٣٧٩)

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه حديثِ پاڪ جيَ هن حصي **"باخبر رهو تہ ان تي منهنجي رحمت آهي"** تحت فرمائن ٿا: يعني ان تي منهنجي ڪامل رحمت آهي، ان طرح جو مان ان سان راضي ٿي ويس. خيال رهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تمام نعمتن کان اعليٰ نعمت آهي، جڏهن رَبّ تعاليٰ بانهي سان راضي ٿي ويو تہ ڪونين (يعني ٻئي جهان) بانهي جا ٿي ويا، رَبّ تعاليٰ فرمائي ٿو: ﴿ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ﴾ (پ٣٠،البينة:٨) (يعني الله انهن سان راضي ۽ اهي الله سان راضي) پوءِ بانهي تي اهو وقت ايندو آهي جو رَبّ تعاليٰ بانهي کي راضي ڪندو آهي (جيئن تہ) حضرت سَيدُنا صديقِ

اڪبر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي باري ۾ فرمائي ٿو: ﴿ وَ لَسَوْفَ یَرْضٰی ﴿۲۱﴾ ﴾ (پ۳۰،اللیل:۲۱) الله تعاليٰ صدّيق کي ايترو ڏيندو جو هو راضي ٿي ويندا (ترجمو ته هي بڻي ٿو "۽ بيشڪ قريب آهي ته هو راضي ٿيندا“. مطلب ته آسمانن ۾ ان (رضاءِ الٰهي طلب ڪرڻ واري مومن ٻانهي) جي ناٺي جي ڌوم متل هوندي ۽ شور مچي ويندو آهي ته ”رَحْمَۃُ اللہ عَلَیه“ (وڏيڪ فرمائن ٿا ته) هي دعائيه جملا آهن، يعني الله تعاليٰ انهن تي رحمت ڪري، هي دُعا يا ته ملائڪن جي محبت جي ڪري ٿيندي آهي يا خود ملائڪ پنهنجو قُربِ الٰهي وڌائڻ جي لاءِ ئي دُعائون ڏيندا آهن، (پوءِ ئي رحمت ان مومن ٻانهي جي لاءِ زمين تي نازل ٿيندي آهي) اهڙي طرح جو قدرتي طور تي انسانن جي زبانن مان انهن جي لاءِ ”رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه ۽ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ“ جهڙا دُعائن ڀريا جملا نڪرڻ لڳن ٿا ۽ ماڻهن جون دليون پنهنجو پاڻ انهن ڏانهن ڇڪجڻ لڳن ٿيون، دلين جي قدرتي ڪشش مومن ٻانهي جي محبوبِ خدا بڻجڻ جو دليل آهي. اهو ئي سبب آهي ته حضور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه ۽ خواجه اجميري رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیه جهڙين (گهڻن) بزرگن کي اسان ناهي ڏٺو، پر سيني کي انهن سان دلي محبت آهي. (مرآۃ المناجیح،۳/۳۸۹،بتغیر قلیل)

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي، رسولُ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ته الله عَزَّوَجَلَّ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان محبت ڪري ٿو ته حضرت جبرئيل عَلَیه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي سڏي ان کي فرمائيندو آهي ته مان فُلاڻي سان محبت ڪيان ٿو، توهان به ان سان محبت ڪريو پوءِ حضرت جبرئيل عَلَیه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان سان محبت ڪن ٿا، پوءِ حضرت جبرئيل عَلَیه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام آسمان ۾ ندا ڪن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ فلاڻي سان محبت ڪري ٿو توهان به ان سان محبت ڪريو ته آسمان وارا به ان سان محبت ڪن ٿا، پوءِ ان جي لاءِ زمين ۾ مقبوليت رکي ويندي آهي. (مسلم، کتاب البرّ والصلۃ والآداب، باب اذا احبّ اللہ عبداً حبّبہ الی عبادہ، ص۱۴۱۷، الحدیث:۱۵۷)

تمہارا افضل ہے جو میں غلامِ غوث وخواجہ ہوں

نہ ہو کم اولیاء کی دِل سے اُلفت یا رسولَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سَيدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ٻانهن مان ڪجھ اهڙا آهن جيڪي نہ انبياء آهن نہ شُهدَاء، پر قيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ انهن جو مقام ۽ مرتبو ڏسي انبياء عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۽ شهيد رَحْمَةُ الله تَعَالٰي عَلَيهِمْ رشڪ ڪندا. ماڻهن عرض ڪيو تہ يارسُولَ اللّٰه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان ڪي ٻڌايو تہ اهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايائون تہ هي اهي ماڻهو هوندا جيڪي هڪ ٻئي سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبت جي ڪري محبت ڪري رهيا هوندا (جڏهن تہ) انهن جي وچ ۾ نہ تہ رشتيداري هوندي ۽ نہ ئي مال جي لين دَين جو ڪو معاملو، خدا جو قسم! انهن ماڻهن جا چهرا (قيامت جي ڏينهن) نور هوندا ۽ يقيناً هي ماڻهو نُور کان مٿي هوندا ۽ جڏهن سيئي ماڻهو خوف زده هوندا، ان وقت هي ماڻهو بي خوف هوندا ۽ جڏهن ماڻهو غمگين هوندا تہ هنن ماڻهن کي ڪو غم نہ هوندو. (مشکاۃالمصابیح،کتاب الآداب،باب الحب فی اللہ...الخ،۲/۲۱۹،حدیث:۵۰۱۲)

اهڙي طرح هڪ ٻي روايت ۾ ارشاد فرمايو: اهي مختلف شهرن ۽ قبيلن کان تعلق رکندا هوندا، انهن جي وچ ۾ ڪا رشتيداري نہ هوندي، اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ۽ دوستي رکندا هوندا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن نُور جا منبر وڇائي انهن کي ان تي ويهاريندو، انهن جا چهرا نور بار ۽ ڪپڙا نور جا هوندا، قيامت جي ڏينهن ماڻهو گهٻراهٽ ۾ مبتلا هوندا پر هو نہ گهٻرائيندا، اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا ولي آهن جنهن تي نہ تہ ڪو خوف هوندو، نہ ئي ڪجھ غم. (مسنداما م احمد ، ۸/۴۵۰،حدیث: ۲۲۹۶۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجن ولين سڳورن کي ڪهڙو شان ۽ مرتبو عطا فرمايو آهي جو سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن نفسي نفسي جو عالَم هوندو ماڻهو پريشان هوندا پر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام کي نه ڪو غم ۽ نه پريشاني هوندي ۽ انهن جو نهايت خوبصورت انداز ۾ استقبال ڪيو ويندو ۽ شانِ اولياء ته ڏسو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نور جا منبر وڇائي پنهنجن ولين کي انهن تي ويهاريندو ۽ هي حقيقت آهي ته جيڪو ٻانهو پنهنجي زندگي جو هڪ هڪ لمحو نيڪ ڪمن ۾ گذاريندو آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي دنيا ۾ به عزّتن جو تاج پارائيندو آهي ۽ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن به انهن کي عزّت ۽ وقار جي مَسند تي ويهاريندو ۽ هي اهي ماڻهو آهن جو جنهن جي نيڪ ڪمن جي ڪري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن سان محبت فرمائي ٿو ۽ انهن کي پنهنجو خاص قُرب عطا فرمائيندو آهي. جيئن

سيدُ المُبَلّغِين، رَحمَةٌ لّلعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشَاد فرمائي ٿو: منهنجي ڪنهن ٻانهي منهنجي فرض ڪيل اَحڪامن جي بجا آوري کان وڌيڪ مَحبوب شيء سان منهنجو قُرب حاصل ناهي ڪيو ۽ منهنجو ٻانهو نَوافل جي ذريعي، منهنجو قُرب حاصل ڪندو رهي ٿو ايستائين جو مان ان سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳان ٿو، جڏهن مان ان سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳان ٿو ته مان ان جا ڪن بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو ٻڌندو آهي، ان جون اکيون بڻجي ويندو آهيان جنهن هو ڏسندو آهي، ان جا هٿ بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو پڪڙندو آهي ۽ ان جا پير بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو هلندو آهي، جيڪڏهن هو مون سان سوال ڪري ته مان ان کي ضَرور عطا ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيء سان منهنجي پناه چاهي ته مان ان کي ضرور پناه عطا ڪيان ٿو. (بخاری،کتاب الرقاق، باب التواضع، ۲۴۸/۴،حدیث:۶۵۰۲)

مُفَسّرِشهير، حڪيمُ الاُمَّت، مُفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه هن حديث پاڪ

تحت فرمائن ٿا: هن عبارت جو هي مطلب ناهي ته خدا تعاليٰ وَلي ۾ حُلُول ڪري ويندو آهي جيئن، ڪوئلي ۾ باهه يا گل ۾ رنگ ۽ بُو، ڇوته خدا تعاليٰ حُلُول کان پاڪ آهي ۽ هي عقيدو (رکڻ) ڪفر آهي(بلڪ هن حديث جو مطلب هي آهي) ته هو بانهو فَنا فِي الله ٿي ويندو آهي، جنهن سان خدائي طاقتون ان جي عضون ۾ ڪم ڪنديون آهن ۽ هو اهڙا ڪم ڪندو آهي جيڪي عقل کان وَراء آهن (جيئن ته) حضرت سليمان (عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام) ٽي (3) مِيل جي مفاصلي کان ڪِيل جو آواز ٻڌي ورتو، حضرت آصف بن برخيا (رَضِی الله تَعَالٰی عَنْه) اک ڇنڀڻ کان پهريان يمن کان تختِ بلقيس آڻي شام ۾ حاضر ڪري ڇڏيو. حضرت عُمر (رَضِی الله تَعَالٰی عَنْه) مدينه منوره کان خُطبو پڙهندي نَهاوند تائين پنهنجو آواز پهچائي ڇڏيو. حُضورِ اَنْور (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قيامت تائين جي واقعن کي اکين سان مُلاحظه فرمائي ورتو. هي سڀ انهيءِ طاقت جا ڪرشما آهن. هن حديث مان اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي ولين جي طاقت جا انڪاري آهن۔

(مرآة المناجيح۳/۳۰۸تا ۳۰۹ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بانهي کي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص قُرب نصيب ٿي ويندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل قوتِ بصارت (يعني ڏسڻ جي طاقت) سان هو مِيلن جي فاصلن کي بہ ملاحظه فرمائي رهيو هوندو آهي. جيئن ته حضرتِ سيدُنا غوثِ اَعظم رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا:

نَظَرْتُ اِلٰى بِلَادِ اللهِ جَمْعًا　　　كَخَرْدَلَةٍ عَلٰى حُكْمِ اتِّصَالٖ

يعني مان الله عَزَّوَجَلَّ جي تمام شهرن کي اهڙي طرح ڏسان ٿو، جهڙي طرح هٿ جي ترِي تي واريءَ جو داڻو هجي. (صحيفه غوثيه ،ص ۱۸۷) وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: مون کي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي عزّت جو قسم! ته تمام سعيد وشقي (يعني سعادت مند ۽ بدبخت) مون تي پيش ڪيا ويندا آهن، منهنجي اک لوح محفوظ تي

لڳل آهي، يعني لوحِ محفوظ منهنجي پيشِ نظر آهي. (بہجۃ الاسرار، ذکر کلمات اخبربہا عن نفسہ... الخ،ص۵۰)

حضرتِ سيدُنا شيخ عبدالحق محدِّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه "اَخبارُ الاخيار" صَفحي نمبر 15 ۾ حضورِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو هي ارشادِ معظَّم نقل ڪيو آهي: جيڪڏهن شريعت منهنجي زبان تي لغام نہ وجهي هئا تہ مان توهان کي ٻڌايان هئا تہ توهان گهر ۾ ڇا کاڌو آهي ۽ ڇا رکيو آهي، مان توهان جي ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻان ٿو، ڇوتہ توهان منهنجي نظر ۾ آرپار نظر اچڻ واري شيشي جيان آهيو. (اخبار الاخيار،ص ۱۵) ۽ حضرتِ مولانا رُومي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مثنوي شريف ۾ فرمائن ٿا:

لوحِ محفوظ اَست پيشِ اولياء

اَزچہ محفوظ اَست محفوظ اَز خطا

(يعني لوحِ محفوظ اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي پيشِ نظر هوندو آهي جيڪو هر خطا کان محفوظ هوندو آهي). (مثنوی ،دفترِ چہارم،۲/۱۸۱)

اهڙي طرح حيرت انگيز ۽ خداداد قوتِ بصارت (يعني ڏسڻ جي طاقت) جي باري ۾ اميرُ المومنين حضرتِ سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جو بہ نهايت ايمان افروز واقعو مشهور آهي تہ هڪ دفعي فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه حضرت ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي سپہ سالار بڻائي نهاوَند جي سرزمين ڏانهن روانو ڪيو. حضرت ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه معرڪي ۾ مصروف هئا تہ هڪ ڏينهن حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه مسجدنبوي جي منبر تي خطبو پڙهندي اوچتو بلند آواز سان ارشاد فرمايو: ياسَارِيةُ الْجَبَل (يعني اي ساريہ! جبل ڏانهن پنهنجي پُٺي ڪري وٺو) مسجد ۾ وينل حيران ٿيا تہ حضرت ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه سرزمينِ نهاوند ۾ معرڪي ۾ مصروف آهن ۽ مدينہ منوّره کان سوين مِيل جي دُوري تي آهن. اڄ اميرُ المومنين انهن کي ڪيئن پڪاريو؟ پر نهاوند کان جڏهن حضرت ساريہ

رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جو قاصد آيو تہ ان ھي خبر ڏني تہ جڏھن ڪافرن سان مقابلو ٿيو تہ اسان کي شڪست ٿيڻ لڳي، ايتري ۾ اوچتو ھڪ سڏيندڙ جو آواز آيو جيڪو سڏي سڏي چئي رھيو ھو تہ اي ساريہ ! توھان جبل ڏانھن پنھنجي پٺ ڪري ونو.

حضرت ساريہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ فرمايائون، ھي تہ امير المؤمنين حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جو آواز آھي، ھي چئي ھڪدم ئي انھن پنھنجي سپاھين کي جبل ڏانھن پُٺ ڪري صف بندي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ان کان پوءِ ڪافرن سان مقابلو ٿيو تہ ڪافر شِڪست کائي ڀڄي ويا ۽ مسلمانن فتحِ مبين جو پرچم لھرائي ڇڏيو. (حجۃ اللہ علی العلمین، ص۶۱۲، تاریخ الخلفاء، ص۹۹تا۱۰۱، ملخصاً)

بھٹک سکتا نہیں ہر گز کبھی وہ سیدھے رستے سے کرم جس بخت وَر پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن ايمان افروز واقعي مان معلوم ٿيو تہ بيشڪ حضرت سَيدُنا اميرُ المؤمنين فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ صاحبِ ڪرامت آھن، ڇاڪاڻ تہ مدينہ منوره کان سوين مِيل جي دُوري تي آواز کي پھچائڻ، ھي حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جي ڪرامت آھي، ۽ پڻ اميرُالمؤمنين فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ مدينہ طيبہ کان سوين مِيل جي دُوري تي نھاوند جي ميدان ۽ اتي جي احوال ۽ ڪيفيتن کي ڏسي ورتو ۽ پوءِ مسلمانن جي مشڪلات جو حل بہ منبر تي ويٺي ويٺي سپہ سالار کي ٻڌائي ڇڏيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن واقعي مان ھي بہ معلوم ٿيو تہ اولياء ڪرام رَحِمَھُمُ اللہ السَّلَام جي ڏسڻ ٻڌڻ جي قوّت کي عام انسانن جي ڪنن، اکين ۽ انھن جي قُوّتن تي ھرگز ھرگز قياس نہ ڪرڻ گھرجي، بلڪ ھي ايمان رکڻ گھرجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنھنجي محبوب ٻانھن جي ڪنن ۽ اکين کي عام انسانن کان تمام ئي وڏيڪ طاقت عطا ڪئي آھي ۽ انھن جي اکين، ڪنن ۽ ٻين عضون جي

طاقت ايتري قدر بي مثل ۽ بي مثال آهي ۽ انهن کان اهڙا اهڙا حيرت انگيز ڪم ٿين ٿا، جنهن کي ڏسي ڪرامت جي سوا ڪجھ بہ نٿو چئي سگھجي ۽ چو نہ هجي تہ جيڪي ماڻھو پنهنجي زندگي رِضاءِ الٰهي جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن ، الله عَزَّ وَجَلَّ انهن جي ڪمن ۾ انهن جي مدد ڪندو آهي ۽ انهن جي لاءِ اهڙا اهڙا سبب مهيا ڪندو آهي جيڪي اسان جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هوندا آهن.

اهو ياد رکو! تہ اسان جي پياري آقا، سيدالانبياء صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سيئي صحابہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن، هن اُمّت جا افضل ۽ اعليٰ اولياء آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ملاحظہ فرمايو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ پياري آقا ،مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرامين ۾ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي شان ۽ عظمت، مقام ۽ مرتبي ۽ تصرفات ۽ اختيارات کي ڪيتري قدر شاندار انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پر ياد رکو! جتي حقيقي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام، قرآن وسُنّت ۽ پنهنجي روحاني فيض ۽ برڪتن سان پنهنجن مريدن ۽ عقيتمدن طالبن ۽ ٻئي اُمّتِ مسلمہ جي مذهبي، اخلاقي ۽ ظاهري وباطني تربيت فرمائڻ ۾ مصروفِ عمل آهن، اتي بدقسمتي سان اجڪلھ ڪجھ نام نهاد جعلي پير فقير بہ ولايت جو ڊرامو رچائي ماڻهن کي ڌوڪو ڏيندي انهن جي ايمانن تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن ۽ انهن کي گمراهي جي کڏ ۾ ڌڪي رهيا آهن، اهڙا ماڻھو ڪنهن ٻئي مسلمان جي اصلاح تہ ڇا ڪندا پاڻ انهن جي پنهنجي حالت هي هوندي آهي تہ جڏهن انهن کي شرعي احڪامن جي پاسداري بابت ڳالھ ڪئي وڃي تہ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ طرح طرح جا حيلا بهانا ڪري پنهنجن ڪارن ڪرتُوتن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندي چوندا آهن:**”اسان**

**شريعت جا پابند نہ آهيون بلڪ شريعت اسان جي پابند آهي.ڪو چوي ٿو تہ توهان شريعت تي هلو، اسان جو طريقت جو رستو ان کان الڳ آهي. توهان ظاهري احڪام تي عمل ڪيو ٿا جڏهن تہ اسان باطني علوم تي عمل پيرا آهيون ۽ بعض اهو حيلو بهانو ڪندا آهن: ادا! اسان تہ مديني ۾ نماز پڙهون ٿا، سائين! نماز تہ روحانيت جو نالو آهي جيڪا دِل ۾ هوندي آهي، اسان جا دل نمازي آهن وغيره وغيره".** ياد رکو! اهڙي ڪاري دل وارا ماڻهو ۽ انهن جي بي بُنياد ڳالهين جو ڪو اعتبار ناهي ۽ نہ ئي اهڙن ماڻهن جو ولايت جهڙي عظيم نعمتِ الٰهي کان بہ ڪو واسطو آهي، اهڙا ماڻهو هرگز هر گز ولي نٿا ٿي سگهن، اهڙن کان پنهنجو ايمان ۽ عقيدو محفوظ رکڻ ضروري آهي، جيڪو حقيقي ولي اللّٰه هوندو آهي، اهو شريعت جو پابند هوندو آهي ڇو تہ **طريقت ،شريعت کان جُدا ناهي.** جيئن،

اعليٰ حضرت،امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه ارشاد فرمائن ٿا: شريعت حضورِ اقدس، سَيدعالم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اقوال آهن ۽ طريقت حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا افعال ۽ حقيقت حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا احوال ۽ معرفت حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عُلومِ بي مثال. (فتاویٰ رضويہ،۲۱/٤٦٠)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ شريعت ۽ طريقت هڪ ٻئي کان جدا نہ آهن،** اهو ئي سبب آهي تہ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام سڄي زندگي نہ صرف ماڻهن کي شريعت جي احڪامن تي عمل جي ترغيب ڏني بلڪ پاڻ بہ شرعي احڪامن تي مضبوطي سان عمل ڪندا رهيا جيئن تہ

حضرت سَيدُنا امام حافظ ابونُعَيم احمد بن عبدُاللّٰه اَصفَهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السَّلَام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذات ۽ ان جي محبت ۾ مستغرق (يعني ان جي محبت ۾ ٻڏل) رهندا ۽ ان جي حڪم جي پابندي ڪندا آهن.

## ڪتاب "الله والوں کی باتیں" جو تعارف

اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جو وڏيڪ شان ۽ عظمت ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 5 جلدن تي مشتمل ڪتاب "الله والوں کی باتیں" جو مطالعو بيحد مفيد آهي، اَلْحَمْدُلِله عَزَّ وَجَلَّ هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي زندگين جا نمايان واقعا، ڪرامتون انهن جا فرمان، شرعي احڪامن جي پاسداري ۽ انهن جي عُمده وصفن کي نهايت جامع ۽ خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن سان مدني التجا آهي تہ نہ صرف پاڻ هن ڪتاب جو مُطالعو ڪيو، بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو. اچو انهيءَ ڪتاب مان اولياء ڪرام جون ڪجهہ وڏيڪ صفتون پڙهون ٿا،

## اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جا وصف

حضرت سيدُنا ذُوالنُّون مِصْري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي مخلوق ۾ بعض ان جا برگزيده ۽ نيڪ ٻانها آهن. پڇيو ويو: انهن جي نشاني ڇا آهي؟ فرمايائون: جڏهن ٻانهو راحت کي ڇڏي اطاعت ۽ عبادت ۾ ڀرپور ڪوشش ڪري ۽ قدرو منزلت جي نہ هئڻ کي پسند ڪري. پوءِ پاڻ انهن الله وارن جي شان ۾ بہ شعر پڙهيا جنهن جو ترجمو آهي:

(١) قرآن پنهنجي وعدي ۽ وعيد سان (اُنهن کي) هر بُرائي کان روڪيو آهي.رات جو (انهن جي) اکين جي ننڊ غائب ٿي وئي. (٢) اُنهن ڪريم بادشاهہ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ) جي ڪلام کي اهڙي طرح سمجهيو ڇو انهن جون گردنون

جهڪي ويون.

حاضرين مان ڪنهن عرض ڪيو: الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم ڪري! هي ڪير ماڻهو آهن؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمايائون: هي اهي ماڻهو آهن جنهن قرآنِ پاڪ کي پنهنجي دلين تي رکيو تہ هو نرم ٿي ويون. سِينن سان لڳايو تہ اهي ڪشاده ٿي ويا. ان جي برڪت سان انهن جي پريشانين ۽ غمن جا ڪڪر دور ٿي ويا. انهن قرآنِ پاڪ کي پنهنجي اونداهين جي لاءِ چراغ ۽ (قرآنِ پاڪ جي تلاوت کي ان طرح پاڻ لاءِ لازم ڪري ورتو جهڙي طرح) سمهڻ جي لاءِ بستر لازم آهي. ان کي پنهنجي راھ جي لاءِ رهنما ۽ پنهنجي حجت جي لاءِ ڪاميابي بڻائي ورتو، ماڻهو خوشيون ملهائيندا آهن جڏهن تہ هي ماڻهو غمگين رهندا آهن، ماڻهو سمهي رهيا هوندا آهن، پر هي بيدار رهندا آهن، ماڻهو ڪائيندا پيئندا آهن ۽ هي روزا رکندا آهن، ماڻهو (قبر ۽ حشر کان غافل هوندا آهن ۽) بي خوف رهندا آهن جڏهن تہ هي (قبر ۽ حشر جي معاملن کان) خوفزده رهندا آهن. هي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندا ۽ ان جي نافرمانين کان بچندا، گهبرائيندا ۽ نيڪ عمل ۾ خوب تڪليف سهندا آهن. عمل جي فوت ٿيڻ جي ڊپ مان ان کي جلد ئي ادا ڪندا آهن ۽ هر گهڙي موت جي لاءِ تيار رهندا آهن. انهن وٽ الله عَزَّوَجَلَّ جي درد ناڪ عذاب جي خوف ۽ وعدو ڪيل عظيمُ الشّان ثواب جي ڪري موت ڪو نندو معاملو ناهي. اهي قرآنِ حڪيم جي رستن تي گامزن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ قرباني پيش ڪرڻ جي معاملي ۾ مخلص آهن. هي رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي نور سان منوّر ۽ هن ڳالھ جا منتظر آهن تہ قرآنِ ڪريم انهن سان ڪيل وعدن ۽ عهدن کي پورو ڪري، پنهنجي سعادت جي مقام ۾ انهن کي ترسائي ۽ پنهنجن وعيدن سان انهن کي امن بخشي، پوءِ هي ماڻهو قرآنِ پاڪ جي ذريعي پنهنجي خواهشن سان ۽ خوبصورت حُورن کي ماڻي هلاڪتن ۽ بُري انجام کان محفوظ ٿي ويا، ڇو تہ انهن دُنيا جي رونقن کي غضبناڪ نگاهن

سان ڏسي ڇڏي ڏنو ۽ آخرت جي ثواب ڏانهن رضامندي واري اکين سان ڏٺو ۽ فنا ٿيڻ واري (دنيا) جي بدلي هميشہ رهڻ واري (آخرت) کي خريدي ورتو. انهن ڪيترو سٺو واپار ڪيو جو ٻنهي جهانن ۾ نفعو ماڻيو ۽ دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون گڏ ڪيون، ڪامل طرح سان فضيلتون ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ڪجھ ڏينهن (عبادت جي مشقت تي دُنيا ۾) صبر ڪري پنهنجي (پنهنجي اُخروي) منزلن تائين پهچي ويا. عذاب واري ڏينهن جي خوف سبب گهٽ مال ۽ دولت تي ئي قناعت ڪري زندگي جا ڏينهن گذاري ڇڏيا. مهلت جي ڏينهن ڀلائي ڏانهن جلدي ڪئي، پنهنجي زندگي راند روند ۾ وڃائڻ جي بدران باقي رهڻ وارين نيڪين جي حصول جي لاءِ تڪليفون سَنيون، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! عبادت جي ٿڪاوٽ انهن جي قوت ڪمزور ڪري ڇڏي ۽ مشقّت انهن جي رنگت بدلي ڇڏي، انهن ڀڙڪندڙ (جهنم جي) باھ کي ياد رکيو، نيڪين جي طرف جلدي ڪئي ۽ راند روند کان پري رهيا، انهن جا وصف بيان ڪرڻ کان زبان قاصر آهي. انهن جي بدولت مصيبتون ٽرن ۽ برڪتون لهن ٿيون، اهي مخلوق جي لاءِ چراغ، شهرن جا منارا، تاريڪين ۾ روشني جا منبع، رحمت جي کاڻ، حڪمت جا چشمہ ۽ اُمّت جا ٿنڀ آهن، (سڄي رات عبادت ۾ مصروف رهڻ جي ڪري) بسترن کان انهن جا پهلو جدا رهن ٿا. هو ماڻهن جي معذرت کي سڀ کان وڌيڪ قبول ڪرڻ وارا، سڀ کان وڌيڪ معاف ڪرڻ وارا ۽ سڀ کان وڌيڪ سخاوت ڪرڻ وارا هوندا آهن. انهن دنيا مان پنهنجي اُميدن کي ختم ڪري ڇڏيو. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خوف انهن جي مالن ۾ انهن جي ڪا رغبت ۽ خواهش نہ ڇڏي، تنهنڪري توهان ڏسندؤ تہ انهن کي نہ مال گڏ ڪرڻ جي خواهش هوندي آهي ۽ نہ ئي ريشمي (يعني عمده قسم جي) لباس جي تمنا ڪندا آهن، نہ ئي عمده سوارين جا خواهش مند هوندا آهن ۽ نہ ئي محلات کي پختو ڪرڻ جو شوق رکندا آهن، انهن پنهنجي جسمن کي حرام ڪمن جي ارتڪاب

ڪان باز رکيو. پنهنجي پاڻ کي گناهن کان بچائي سڌي راهه تي گامزن ۽ هدايت جي لاءِ آماده رهيا ۽ دنيا وارن سان گڏ انهن جي آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ شريڪ ٿيا، مصيبتن تي صبر ڪيو، اُميدن کي ختم ڪيو، موت ۽ ان جي سختين، مصيبتن ۽ تڪليفن کان بچي ويا. قبر ۽ ان جي تنگي ، مُنڪر نَڪير ۽ انهن جي جهڙڪ تڙي، سوال ۽ جواب کان خوفزده رهيا ۽ پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي حضور بيهڻ کان ڊڄندا رهيا. (اللہ والوں کی باتیں،۱/ ۶۰/۱تا۶۲)

اللہ غنی! شانِ ولی! راج دلوں پر　　دنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو هي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ مقبول ۽ مُقرَّب هئڻ جي باوجود خوفِ خدا کان ڪيتري قدر ڏڪندا ۽ ڪنبندا هئا، حقوقُ الله ۽ حقوقُ العباد جي ڪيتري قدر پابندي ڪندا هئا، نيڪين ڏانهن رغبت ۽ گُناهن کان نفرت ڪندا هئا، اسان پنهنجي حالت تي غور ڪيون تہ نيڪيون نہ آهن ۽ گُناهن جو بازار ايتري قدر گرم آهي جو اَلاَمَانُ وَالحَفِيظ. بد قسمتي سان ماڻهن جو وڏو تعداد بي عملي جو شڪار آهي، نہ تہ حقوقُ العباد جي ادائيگي جو خيال آهي ۽ نہ ئي حقوقُ اللّٰه جي بيحد پامالي جو ڪو احساس، نيڪيون ڪرڻ نفس جي لاءِ بيحد دُشوار ۽ گناهه ڪرڻ نهايت آسان ٿي چڪو آهي، مسجِدن جي وِيراني ۽ سينما گهرن ۽ ڊراما گاهن جي رونق، دِين جو دَرد رکڻ وارن کي جڻ تہ بيدار ڪري رهي آهي. ٽي وي، ڊِش اِنٽينا، انٽرنيٽ ۽ ڪيبل جو غَلَط استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد بہ گهٽ ناهي، ضَروريات جي پورائي ۽ سَهولِيات جي حصول لاءِ حد کان وڌيڪ جاکوڙ مسلمانن جي وڏي تعداد کي آخِرت جي فڪر کان بلڪل غافل ڪري ڇڏيو آهي. گار ڏيڻ، تهمت لڳائڻ، بدگماني ڪرڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ،

ماڻهن جا عيب ڄاڻڻ جي جستجو ۾ رهڻ، ماڻهن جا عيب اُچلڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙا وعدا ڪرڻ، ڪنهن جو ناحق مال کائڻ، رت وهائڻ، ڪنهن کي بِلا اجازتِ شَرعي تڪليف ڏيڻ، قرض ڦبائڻ، ڪنهن جي شيء عارِيتاً (يعني وقتي طور تي) وٺي واپَس نہ موٽائڻ، مسلمانن کي بُرن لقبن سان سڏڻ، ڪنهن جي شيء ان کي ناگوار گذرڻ جي باوُجُود بِلااجازت استعمال ڪرڻ، شراب پيئڻ، جُوا کيڏڻ، چوري ڪرڻ، بدڪاري ڪرڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ، وياج ۽ رِشوت جو ڏي وٺ ڪرڻ، ماءُ پيء جي نافرماني ڪرڻ ۽ انهن کي ستائڻ، امانت ۾ خِيانت ڪرڻ، بدنگاهي ڪرڻ، عورَتن جو مَردن جي ۽ مردن جو عورَتن جي مُشابَهت (يعني نقل) ڪرڻ، بي پردگي، غُرُور، تڪبر، حَسَد، رِيا ڪاري، پنهنجي دل ۾ ڪنهن مسلمان جو بُغض ۽ ڪينو رکڻ، شُماتَت (يعني ڪنهن مسلمان کي مرض، تڪليف يا نقصان پهچڻ تي خوش ٿيڻ)، ڪاوڙ اچڻ تي شريعت جون حدون اورانگهڻ، گناهن جو حرص، حُبّ جاهہ، بخل، خود پسندي وغيره مُعاملا اسان جي مُعاشَري ۾ وڏي بيباڪي سان ڪيا ويندا آهن. **اي ڪاش!** اسان اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام سان سچي محبت ڪرڻ وارا ۽ انهن مُبارڪ هستين جي نقشِ قدم تي هلڻ وارا بڻجي وڃون، پنج ئي نمازون باجماعت مسجد جي پهرين صف ۾ ادا ڪيون. رمضان جي مهيني جي فرض روزن سان گڏوگڏ نفل روزا رکڻ وارا بڻجي وڃون. هميشہ سچ ڳالهايون، حُسنِ اخلاق جا پيڪر بڻجي وڃون، ماءُ پيءُ ۽ ٻين رشتيدارن جا حق ادا ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! اسان جو پاڙيسري بہ اسان جي ڪنهن عمل سان تنگ نہ ٿئي، اي ڪاش! هر پاسي مدني انعامات جون مدني بهارون هجن، اي ڪاش! تمام عاشقانِ رسول مدني قافلن جا مسافر بڻجي علمِ دِين سکي ٻين کي سيکارڻ جي سعادت حاصل ڪن، اي ڪاش! 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿي ان معاشري کي مدني معاشرو بڻائڻ جي لاءِ هر عاشقِ رسول

تياري ڪري. **اي ڪاش!** اسان گناهن جي ويجهو به نه وڃون، اسان جي ڪا نماز قضا نه ٿئي. رمضان جو ڪو روزو ضائع نه ٿئي. زبان مان هر گز هر گز ڪوڙ غيبت چغلي ۽ گار گند نه نڪري. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہماری بگڑی ہوئی عادتیں نکل جائیں
ملے گناہوں کے امراض سے شفاء یاربّ
کرم سے "نیکی کی دعوت" کا خوب جذبہ دے
دُوں دُھوم سُنّتِ محبوب کی مچا یاربّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "مدني حلقو"

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن** اسان اَولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي نقشِ قدم تي هلندي زندگي گذارڻ چاهيون ٿا ته تبليغ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃون. جهڙي طرح بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام دِين جي تبليغ ۽ ان جي نشر و اشاعت ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاريا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته تمام عاشقانِ رسول کي به اها ئي مدني سوچ ڏني ويندي آهي ته هو به انهن جي مِشن (Mission) تي عمل پيرا ٿي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول هي اهو پاڪيزه مدني ماحول آهي، جنهن بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جي طريقي تي هلندي تمام مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جو ذهن ڏنو ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ جي ترغيب به ڏياري آهي. تنهنڪري اسان کي به انهن 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان

وڌ حصو وٺڻ گهرجي، 12 مدني ڪمن مان روزانو هڪ مدني ڪم بعدِ فجر ”مدني حلقو“ بہ آهي جنهن ۾ روزانو، 3 آيتن جي تلاوت مع تَرْجَمہ ڪنز الايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان يا تفسير نورُالْعرفان يا تفسير صِراطُ الجنان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4صفحا) ۽ شَجْرہ قادِريہ، رَضَويہ، ضيائيہ، عطاريہ پڑهيو ويندو آهي. قرآنِ ڪريم پڑهڻ پڑهائڻ ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي تہ ڇا ڳالهہ آهي.

نبي مڪرَّم ، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي: خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُراٰنَ وَعَلَّمَهٗ، يعني توهان ۾ بهترين شَخص اهو آهي، جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين کي سکاريو. (بخاری ، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من تعلم...الخ،۳/۴۱۰،حدیث:۵۰۲۷) تنهنڪري اسان کي بہ پابندي سان مدني حلقي ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي،۽ پڻ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري خوب خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون خوب برڪتون حاصل ٿينديون. اچو ترغيب جي لاءَ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## مدني بهار

خان پور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ مُبلِّغ دعوتِ اسلامي جو بَيان آهي تہ بابُ المدينہ (ڪراچي) مان سُنّتن جي تَرْبِيت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ آيل هڪ مَدَني قافِلي جي شُرڪاء اسلامي ڀائرن سان گڏ مون کي عَلاقائي دَورہ براء نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت جو شَرَف حاصِل ٿيو.هڪ درزي جي دُڪان جي ٻاهران ماڻهن کي گڏ ڪري اسان نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا هئاسين. جڏهن بَيان خَتم ٿيو تہ انهيءَ دڪان جي هڪ ملازم نَوجوان چيو، مان غيرمسلم آهيان. اوهان جي نيڪي جي دعوت منهنجي دِل تي وڏو اثر ڪيو آهي.

مهرباني فرمائي مون کي اسلام ۾ داخِل ڪري ونو. اَلحَمدُ لله عَزَّ وَجَلَّ اهو مسلمان تي ويو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قسم پورو ڪندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي مزيد شان ۽ عظمت جي باري ۾ ٻڌون ٿا جيئن تہ حضرت سَيدُنا امام حافظ ابونُعَيم احمد بن عبدُ الله اَصْفَهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه اولياء ڪرام جو شان ۽ عظمت بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: اولياء ڪرام ڪائڻ ۽ لباس جي معاملي ۾ خستہ حال هوندا آهن، مصيبتن ۽ حادثن ۾ (جيڪڏهن هو ڪنهن معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ تي قسم کڻن تہ) الله عَزَّوَجَلَّ انهن جو قسم پورو ڪندو آهي. جيئن حضرت سيدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: گهڻا پرا گنده حال، بوسيده لباس وارا اهڙا هوندا آهن جو ماڻهو انهن کان نگاهون ڦيريندا آهن (پر انهن جو شان هي هوندو آهي جو) جيڪڏهن هو الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم کڻن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي قسم کي ضرور پورو ڪندو آهي. (المستدرک،کتاب الرقاق،باب قلب الشيخ شاب...الخ، الحديث: ۸۰۰۲،ج۵،ص۴۶۷) اهڙي طرح حضرت سيدُنا اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: گهڻا ضعيف، ڪمزور، بو سيده( لباس(ڳريل، سڙيل ،ڦاٽل ،ڪپڙن) وارا اهڙا هوندا آهن جو جيڪڏهن هو الله عَزَّوَجَلَّ تي قسم کڻن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي قسم کي پورو ڪندو آهي ۽ براء بن مالڪ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه) بہ انهن مان آهن. راوي چون ٿا: ان کان بعد حضرت سيدُنا براء بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه مشرڪن جي خلاف هڪ جنگ ۾ شريڪ ٿيا. ان جنگ ۾ مشرڪن مسلمانن کي تمام گهڻو نقصان پهچايو تہ مسلمانن حضرت

سيدُنابراء بن مالک رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کي چيو: اي براء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه! حضورنبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو آهي تہ جيڪڏهن اوهان الله عَزَّوَجَلَّ تي قسم کڻو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ضرور توهان جي قسم کي پورو ڪندو، پوءِ پاڻ (مشرڪن جي خلاف) الله عَزَّوَجَلَّ تي قسم کنيو! حضرت سيدُنا براء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مان تو کي قسم ڏيان ٿو تہ اسان کي مشرڪن تي غلبو عطا فرما. سندن هي دعا قبول ٿي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي مشرڪن تي غلبو عطا فرمايو. پوءِ هڪ ڀيري ”سوس“(اعراب) جي پُل تي مسلمانن جي ڪافرن سان جنگ ٿي تہ ڪافرن مسلمانن کي سخت نقصان پهچايو، مسلمانن چيو: اي براء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه! پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ تي قسم کڻو! انهن عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کي قسم ڏيان ٿو تہ اسان کي ڪافرن تي غلبو عطا فرما ۽ مون کي پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملائي ڇڏ (يعني شهادت عطا فرما). حضرت سيدُنا براء بن مالک رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي هي دُعا بہ قبول ٿي ۽ مسلمانن کي فتح نصيب ٿي ۽ پاڻ شهيد ٿي ويا. (المستدرک،کتاب معرفة الصحابة، باب ذکرشہادة البراء بن مالک، الحديث: ۵۳۲۵، ج۴، ص۳۴۰)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَولياءِ ڪرام جا تَصَرُّفَات

حضرت سيدنا امام حافظ ابونُعَيم احمد بن عبدُ الله اصفهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا تہ اولياء ڪرام جي يقين جي طاقت سان ڏونگر ڏري پون ٿا ۽ انهن جي اشاري سان سمنڊ ڦاٽي پون (يعني رستو ڏين) ٿا. جيئن،

حضرت سيدُناسَهم بن مِنجَاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان مروي آهي، فرمائن ٿا: اسان (صحابي رسول) حضرت سيدُنا علاء بن حضرمي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه سان گڏ جنگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن اسان هلندي هلندي ”دارين“ نالي مقام تي پهتاسين،

جتي اسان جي ۽ دشمن جي وچ ۾ سمنڊ حائل هو تہ حضرت سيدُنا علاء رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ هي دعا گهري: ياعَلِيمُ ياحَلِيمُ يا عَلِي ياعَظِيمُ اِنَّاعَبِيدُك وَفِي سَبِيلِك نُقَاتِلُ عَدُوَّكَ،اَللّٰهُمَّ فَاجْعَلْ لَنَااِلَيهِمْ سَبِيلًا فَتَقْحَمَ بِنَاالْبَحرَ. يعني اي علم وارا، اي حلم وارا، اي بلند ۽ برتر، اي عظمت وارا مالڪ ۽ مولا عَزَّوَجَلَّ! اسان تنهنجا ٻانها آهيون ۽ تنهنجي راھ ۾ تنهنجي دشمن کان وڙهڻ لاءِ نڪتا آهيون. ياالله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي لاءِ انهن تائين پهچڻ جو رستو بڻاءِ، اسان کي سمنڊ جي ان پار لڳا. حضرت سيدُنا سَهم بن مِنجَاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا: پوءِ اسان گهوڙن تي سوار سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو ۽ پاڻي اسان جي گهوڙن جي زِين تائين بہ نہ پهتو ۽ اسان دشمنن تائين پهچي وياسين. (اللہ والوں کی باتیں، ۱/۵۱تا۵۲، ملتقطاً)

حضرت سيدُنا عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان مروي هڪ حديثِ پاڪ ۾ نبي ڪريم، رؤفٌ رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جي ولين جو شان بيان ڪندي ارشاد فرمايو: انهن جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ماڻهن کي زندگي ۽ موت عطا ڪري ٿو، انهن جي طفيل برسات ٿيندي، فصل ٿئي ٿو ۽ انهن جي بدولت مصيبتون پري ٿينديون آهن. حضرت سيدُنا عبدُالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان پڇيو ويو: انهن جي سبب ماڻهن کي زندگي ۽ موت ڪيئن ملندو آهي؟ فرمايائين ان ڪري جو "هو الله عَزَّوَجَلَّ کان اُمت جي گهڻائي جو سوال ڪندا آهن تہ ان ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي ۽ ظالمن جي خلاف دعا ڪندا آهن تہ انهن کي نيست ۽ نابود ڪيو ويندو آهي. برسات طلب ڪندا آهن تہ برسات ڏني ويندي آهي . نباتات جي اُڳڻ جو سوال ڪندا آهن تہ زمين انهن جي لاءِ فصل اڳائيندي آهن. هو دعا ڪندا آهن تہ مختلف قسم جون مصيبتون انهن جي دعا جي ڪري پري ڪيون وينديون آهن. (تاريخ مدينة دمشق لابن عساكر،باب ان بالشام يكون الابدال الذين...الخ،۱/۳۰۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن ولين کي ڪهڙو مقام

۽ مرتبو عطا فرمايو آهي تہ انهن جي دُعائن سان ماڻهن کي زندگي عطا ٿيندي آهي، ظالمن کان نجات ملندي آهي، فصلن ۾ ڪثرت جي وجہ سان رِزق ۾ فراواني ٿيندي آهي، ماڻهن جا غم پري ٿيندا آهن، مصيبتن ۽ تڪليفن کان ڇوٽڪارو ملندو آهي ۽ انهن مان نيڪ هستين جي برڪت سان ماڻهو برسات جهڙي نعمت سان فيضياب ٿيندا آهن. اچو! ان باري ۾ حضور غوثِ اعظم دستگير جي ڦُڦيءَ حضرت سَيِدَہ اُم عائشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا،

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڦُڦي جان جي ڪرامت

هڪ دفعي جيلان ۾ ڏڪار (يعني برسات ٿيڻ بند) ٿي پيو، ماڻهن نمازِ اِستِسقاء (يعني اها نماز جنهن ۾ برسات جي لاءِ دُعا ڪئي ويندي آهي) پڙهي، پر برسات نہ ٿي تہ ماڻهو حضور غوثِ اعظم دستگير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڦُڦي جان حضرت سَيِدَہ اُم عائشہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها جي گهر آيا ۽ اوهان سان برسات جي لاءِ دعا جي درخواست ڪئي، هو پنهنجي گهر جي صحن ڏانهن آيون ۽ زمين تي ٻهارو ڏئي دعا گهري: اي رَبُّ العالمين! مون ٻهارو ڏنو آهي ۽ هاڻي تون ڇڙڪاءُ فرما. ڪجهہ ئي دير ۾ آسمان تان ايتري برسات ٿي جيئن مَشڪ جو منهن کوليو وڃي، ماڻهو پنهنجي گهرن ڏي اهڙي حال ۾ موٽيا جو تمام جا تمام پاڻي سان پسيل هئا ۽ جيلان شهر خوشحال ٿي ويو. (بہجۃالاسرار،ذکرنسبہ وصفتہ،ص۱۷۳)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ اللهعَزَّ وَجَلَّ جي ولين ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪريون، ياد رکو! صحبت ضرور رنگ لائيندي آهي، جيڪڏهن چڱن جي صحبت ملي وڃي تہ انسان ۾ چڱائي پيدا ٿي ئي ويندي آهي ۽ دل بہ گُناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طلبگار بڻجي ويندي آهي ۽ ان جي برعڪس اللّٰه نہ ڪري بُري صحبت هجي تہ انسان نہ چاهيندي بہ بُرائين ۾ مبتلا ٿي ئي ويندو آهي، تنهنڪري

نيڪ ماڻهن ۽ اولياءِ ڪرام سان عقيدت ۽ محبت رکڻ وارن ئي جي صحبت اختيار ڪئي وڃي تہ جيئن انهن جي صحبت جي برڪت سان اسان کي بہ اولياء ڪرام جو ادب ۽ احترام نصيب ٿئي، ڇو تہ جتي انهن سان محبت جا فضائل موجود آهن، اتي انهن سان بغض رکڻ جون وعيدون بہ موجود آهن، بلڪ جڏهن هڪ عام مسلمان سان بِلا وجہ شرعي دشمني ڪرڻ، بغض ۽ ڪينو رکڻ، حسد ۽ بدگماني ڪرڻ ۽ ان جي توهين ۽ اهانت ڪرڻ جائز ناهي تہ پوءِ الله عَزَّ وَجَلَّ جي محبوب ٻانهن يعني اولياء عِظام سان اهڙا معاملا رکڻ ڪيتري قدر دنيا ۽ آخرت جي خساري جو سبب هوندا.

حديثِ پاڪ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولين سان دُشمني ڪرڻ وارن جي لاءِ انتهائي تشويشناڪ ڳالهہ ارشاد فرمائي وئي آهي.جيئن

## الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اعلانِ جنگ

حضرت سيدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: جنهن منهنجي ڪنهن ولي سان دُشمني رکي ،ان سان منهنجو اعلانِ جنگ آهي. (بخاری،کتاب الرقاق، باب التواضع، ۲۴۸/۴،حدیث:۶۵۰۲)

## مجلس مدني انعامات

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 100 کان وڌيڪ شعبن مان هڪ شعبو "**مجلس مدني انعامات**" بہ آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي خواهش مُطابق اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ جامعاتُ المدينہ و مَدارِسُ المدينہ جي شاگردن ۽ شاگرداڻين کي باعمل بنائڻ جي لاءِ،مَدَني اِنعامات تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ"**مجلس مدني انعامات**" جو قيام عمل ۾ آيو. امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ڪاش! ٻين فرضن ۽ سُنتن جي بجا آوَري سان گڏوگڏ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هنن مَدَني انعامات کي بہ پنهنجي زندگي جو دستورُ العَمَل بڻائي وٺن ۽ تمام ذمّيدارانِ دعوتِ اسلامي بہ پنهنجي پنهنجي حَلقي ۾ هنن (مَدَني انعامات جي

رسالن) کي عام ڪن ۽ هرمسلمان پنهنجي قبر ۽ آخِرت جي بهتري جي لاءِ هنن مَدَني اِنعامات کي اِخلاص سان اپنائي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان جَنّتُ الْفردوس ۾ مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻجڻ جو عظيم ترين انعام حاصل ڪري. اچو! اسان به نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺون ۽ مدني انعامات تي نه صرف پاڻ عمل ڪيون بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي به ان جي ترغيب ڏياري ڪوڙ ثواب ڪمايون!

تُو ولی اپنا بنالے اُس کو ربِّ لم یزل
مَدنی اِنعامات پر کرتا ہے جو کوئی عمل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان اولياءُ اللّٰه جي شان بابت بيان ٻڌو، جنهن مان اسان کي معلوم ٿيو ته * اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ولين کي وڏي عظمت ۽ شان سان نوازيو آهي * اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا اولياء ڪرام اسان لاءِ تمام وڏي نعمت آهن * اوليائن جي صدقي برسات ٿئي ٿي * اوليائن جي صدقي ڀٽڪيلن کي هدايت ملندي آهي * اوليائن جي صدقي گنهگارن تي به رحمت ٿيندي آهي * اوليائن جي دُعائن جي برڪت سان ظالمن کان نجات ملندي آهي* اوليائن جي دُعائن جي برڪت سان مصيبتن کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو آهي * اوليائن جي نظر لوحِ محفوظ تي هوندي آهي * اولياء جي هڪ نگاهه سخت گنهگار کي به نيڪوڪار ۽ پٿر دل کي نرم دل بڻائي ڇڏيندي آهي * اوليائن جي صحبت تقويٰ جو سامان آهي * اولياء سان بغض رکڻ واري جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اعلانِ جنگ آهي. ۽ هي به معلوم ٿيو ته * اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا اولياء نيڪ ۽ پرهيزگار ۽ صاحبِ علم هوندا آهن * جاهل شخص اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ولي نٿو ٿي سگهي * شريعت ۽ طريقت هڪ ٻئي کان جدا نه آهن * ۽ نه ئي اولياء ڪرام شرعي احڪام کان آزاد هوندا آهن بلڪ * اهي نفوسِ قدسيه ته عام مخلوق کان وڌيڪ نماز روزو ۽ شريعت جي ٻين احڪامن جي پابندي ڪندا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي

پنهنجي اولياء ڪرام جو ادب نصيب فرمائي، اسان کي ۽ اسان جي نسلن کي
بہ پنهنجي ولين جي بي ادبي کان محفوظ فرمائي ۽ اسان جي دلين کي اولياء
ڪرام جي محبت سان آباد فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

محفوظ سَدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧، حديث: ١٧٥)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## لباس جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو باني دعوتِ اسلامي،شيخ طريقت،اميرِاهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل “ مان لباس جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا.
فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: ✵ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگھڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللّٰہ چوي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط ج٢ص٥٩حديث ٢٥٠٤) مُفسّر شهير، حڪيم الأمّت، حضرت مفتي احمد يار خانعَلَيْہِ رَحْمَةُ الحنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاھ کي ڏسي نہ سگھن. (مرآة المناجيح،١/ ٢٦٨) ✵ جيڪو قدرت باوجود سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کي

قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ابوداؤد، ۴/۳۲۶، حديث :۴۷۷۸) ⁕لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي. (ڪشف الالتباس فی استحبابِ اللباس ،ص ۳۶) ⁕ (لباس) پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾. (ڪشف الالتباس فی استحبابِ اللباس ،ص۴۳) ⁕ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو. ⁕ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبةالمدينہ** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهه اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهه وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت هجي. (رَدُّالْمُحتار ، ۹/ ۵۷۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

تم سُدھر جاؤ گے گر اِدھر آؤ گے سیکھنے سنّتیں، قافلے میں چلو
فضلِ مولیٰ سے جب آئیں گے پائیں گے جذبۂ علم دیں قافلے میں چلو

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] ...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[3] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(1)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن (2)

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.(3)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

2 … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

3 … تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:٤٤١٥